


# ننڍپڻ جي شادين جي روڪٿام
# بابت ڪتابچو

# Manual on
# Prevention of Early Marriage

Funded by: **Oxfam Novib**
Implementation by:
**Association for Water, Applied Education & Renewable Energy (AWARE)**

# فهرست


| سيريل نمبر | موضوع | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| .1 | شاديءَ مان ڇا مراد آهي؟ | 2 |
| .2 | شاديءَ جي سماجي حيثيت | 2 |
| .3 | شاديءَ جا حق ۽ انهن جي وضاحت | 3 |
| .4 | نڪاح نامون | 4 |
| .5 | ننڍي عمرجي شادي / ڪارڻ ۽ نقصان | 4 |
| .6 | شاديءَ بابت حق ۽ انهن جي وضاحت ڪرڻ (سرگرمي) | 5 |
| .7 | ننڍي عمر جي شادي لاءِ قانوني سزا | 6 |
| .8 | شاديءَ متعلق رسم ۽ رواج جو حقن ۽ قانون جي پيٽ ۾ جائزو وٺڻ | 7 |
| .9 | معاشري ۾ شاديءَ متعلق رسم رواج جو جائزو وٺڻ | 7 |
| .10 | شادين جا روايتي قسم | 8 |
| .11 | خوشگوار ازدواجي زندگي گذارڻ جا پنج قدر | 9 |

## شادي مان ڇا مراد آهي؟



شادي اهو پاڪيزه رشتو آهي جنهن سان معاشري ۾ هڪ نئين خاندان جو بنياد وجود ۾ اچي ٿو ۽ شادي هڪ پرسڪون گهراڻي جو قيام عمل ۾ آڻڻ جو سبب بڻجي ٿي. والدين جي سڀ کان وڏي ذميواري پنهنجي اولاد (ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن) جي صحيح وقت تي گهرجن موجب شادي ڪرائڻ هوندي آهي. شادي زال ۽ مڙس ڪي سماجي ۽ مذهبي طور گڏجي زندگيءَ گذارڻ جو نانءُ آهي جيڪو روحاني ۽ ذهني تسڪين جو سبب پڻ آهي. شادي هڪ خاندان جو بنياد پڻ رکي ٿي. اهڙي فيصلي ڪرڻ وقت عقل ۽ حواس جو هجڻ تمام گهڻو ضروري آهي. شادي ڪانپوءِ مرد ۽ عورت خاندان جا ذميوار فرد ليکيا ويندا آهن ۽ سندن خاندان جي هر فيصلائتي عمل ۾ سندن شرڪتداري يقيني بڻجي ويندي آهي. والدين پاران اولاد ڪي اهو حق ملڻ گهرجي تہ اهي شادي ڪرڻ واري فيصلا ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهن. زبردستيءَ يا اولاد جي رضامندي ڪانسواءِ شادي انيڪ مسئلن جو سبب بہ بڻجي ويندي آهي.

## شادي جي سماجي اهميت:



شادي ٻن انسانن مرد ۽ عورت جو ازدواجي رشتي ۾ ٻڌجڻ جو هڪ سماجي اعلان هوندو آهي ۽ شادي سماجي حوالي سان ٻن انسانن سان گڏوگڏ ٻن خاندانن جي ميلاپ جو پڻ سبب بڻجي ٿي ۽ سماجي حوالي سان ٻنهي خاندانن ۾جڙيل هي رشتو عزت، احترام، وقار، خوشي ۽ خوشحالي جي ضمانت آهي. پاڪستان جا ماڻهو هي سماجي ذميواري پنهنجي مخصوص ثقافت، مذهبي رهنمائي ۽ آئيني توڙي قانوني حدن جي مطابق ادا ڪندا آهن. ٻنهي خاندانن جي ڀاتين (مردن ۽ عورتن) تي اها سماجي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ اهي ٻئي خاندان هڪ ٻئي جي ريتن ۽ رسمن جو حصو بڻجن توڻي جو غمن ۽ خوشين ۾ هڪ ٻئي جا شريڪ رهن. ائين ڪرڻ سان نہ صرف خوشيون تقسيم ٿينديون رهنديون پر ٻنهي خاندانن جي ڀاتين جي سماجي طور تي ذهني هم آهنگي پڻ قائم رهي سگهندي ۽ هڪٻئي ڪي پيش ايندڙ مشڪل حالتن جو پڻ گڏجي مقابلو ڪري سگهبو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ متوقع مسئلن ۽ مشڪلاتن کان بچڻ لاءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جو طبي معائنو لازمي قرار ڏنو ويو آهي جيئن خانداني شادين سبب پيدا ٿيندڙ ٻارن ۾ ذهني ۽ جسماني بيمارين جو وقت سر پتو لڳائي سگهجي. شادي جهڙي مضبوط ۽ مقدس رشتي ڪي سمورين ذميوارين سان گڏ ۽ سنجيدگيءَ توڙي سوچ ويچار سان قائم ڪجي ڇو تہ هن رشتي سان لاڳاپيل ٻيا انيڪ رشتا ۽ ايندڙ نسلن جون زندگيون جڙيل هونديون آهن.

## شادي جا حق ۽ انهن جي وضاحت:



شادي جي پاڪيزه بنڌڻ ۾ ٻڌجي وڃڻ ڪانپوءِ جوڙي يعني (زال ۽ مڙس) کي پنهنجي جيون ساٿي جو احترام ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي خوشين جو خيال رکڻ سماجي ۽ مذهبي فرض ٻڌجي وڃي ٿو. ٻنهي ڄڻن تي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهي هڪٻئي جي حالتن کي سمجهي گڏ زندگي گذارين. ٻنهي وچ ۾ دوستاڻو ماحول سندن ازدواجي زندگيءَ ۾ انيڪ خوشيون پيدا ڪري ٿو جنهن سان سندس گهر ۾ پڻ خوشحالي پيدا ٿئي ٿي، چو ته خوشگوار گهراڻو اهو هوندو آهي جتي زال ۽ مڙس هڪٻئي جون خوشيون قائم رکي سگهن. شاديءَ ڪرڻ کان پهرين والدين کي گهرجي ته اهي پنهنجي اولاد جي رضامندي ضرور معلوم ڪن. ائين نه ڪرڻ سان اولاد جي حقن جي سپ ڪان وڏيڪ لتاڙ ٿيندي آهي. پاڪستان جي قانون ۽ مذهبي تعليم جي مطابق شادي لاءِ ڇوڪريءَ يعني عورت ۽ ڇوڪري يعني مرد ٻنهي فردن جي غير جانبدارانه رضامندي ضروري آهي. پنهنجي همسفر جي چونڊ ڪرڻ لاءِ هر عاقل ۽ بالغ مرد توڙي عورت ٻنهي جو بنيادي حق آهي. انساني بين الاقوامي حقن مطابق هر انسان کي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪرڻ جو اختيار مليل آهي.

| زال جا حق | مڙس جا حق |
|---|---|
| ❖ زال جي عزت ۽ احترام ڪرڻ | ❖ عزت ۽ احترام ڪرڻ |
| ❖ زال جي وقار کي قائم رکڻ | ❖ مڙس جي وقار کي قائم رکڻ |
| ❖ سماجي برابري ڏيڻ | ❖ پرورش / خدمت ڪرڻ |
| ❖ پسند يا ناپسند جو خيال رکڻ | ❖ ڏکئي وقت ۾ سندس ساٿ ڏيڻ |
| ❖ تعليم ڏيارڻ | ❖ فرمانبرداري ڪرڻ |
| ❖ جنسي حق ادا ڪرڻ / توليدي صحت | ❖ جنسي حق ادا ڪرڻ |
| ❖ گهريلو ضرورتن جو وقت تي پورائو ڪرڻ | ❖ توليدي صحت جو حق |
| ❖ والدين سان ميل ميلاپ ڪرائڻ | |

## نڪاح نامون:



نڪاح عربي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ملائڻ يا جوڙڻ. نڪاح ڪرڻ ڪان پوءِ زال ۽ مڙس ۾ هڪ مضبوط رشتو جڙي ويندو آهي، جنهن جي بنياد تي اهي هڪٻئي جا شريڪ بڻجي ويندا آهن. نڪاح نامي ۾ لکيل سمورين شرطن کي زال ۽ مڙس گڏيل رضامندي سان جڏهن چاهين تبديل يا شرطن ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا. قانون مطابق زال جي خرچن جي ذميواري مڙس تي عائد ٿئي ٿي جيڪو زال جو حق آهي. هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪرڻ لاءِ مرد کي پهرئين زال يا زالن ڪان تحريري اجازت وٺڻ ضروري آهي بي صورت ۾ ان کي پنهنجي موجوده زالن جو سجو حق مهر ادا ڪرڻو پوندو. خلاف ورزي جي صورت ۾ هڪ سال قيد ۽ پنج هزار روپيا ڏنڊ به لڳي سگهي ٿو.

## ننڍي عمر جي شادي:



ننڍي عمر جي شاديءَ مان مراد اها شادي جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهي جي عمر 18 سالن ڪان گهٽ هجي. اهڙي شادي کي اسين ٻالڪپڻ جي شادي پڻ چوندا آهيون. اڪثر ڪري ننڍي عمر جي شاديءَ معاشري جي بربادي طور ثابت ٿيندي رهي آهي. ٻالڪپڻ جي شادي صرف سماجي طور تي ريتون ۽ رسمون نڀائڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته گهوٽ ۽ ڪنوار کي شادي جهڙي رشتي کي نڀائڻ بابت ڪا به ڄاڻ نه هوندي آهي. رانديون ڪرڻ جيڏي ننڍي عمر ۾ ٻارڙن کي پرڻائي معصوم ۽ نابالغ ٻارڙن جي زندگين کي اوڙاهه ۾ وڌو ويندو آهي جنهن جا سماجي طور تي معاشري تي تمام خبر اثر پون ٿا. اهڙي شادي قانوني ڏوهه قرار ڏني وئي آهي.

| ننڍي عمر جي شادي جا ڪارڻ | ننڍي عمر جي شادي جا نقصان |
|---|---|
| ❖ وٽو سٽو | ❖ ٻارن جي تعليم جو خاتمو |
| ❖ سنگ چٽي | ❖ موذي مرضن ۾ مبتلا ٿي وڃڻ |
| ❖ پئسن تي وڪرو | ❖ ٻار جو نارمل پيدا نه ٿيڻ |
| ❖ ذاتي ۽ سماجي مفاد | ❖ ٻار ۽ ماءُ جي موت جا خدشا وڌي وڃڻ |
| ❖ لاشعوري | ❖ آپريشن جي ذريعي ٻارن جو پيدا ٿيڻ |
| ❖ غربت | ❖ ذهني طور تي دٻاءُ ۾ پئجي وڃڻ |
| ❖ عزت جو خوف | ❖ سماجي سرگرميون ختم ٿي وڃڻ |
| ❖ ثقافتي رواج | ❖ مالي نقصان ٿيڻ |
| ❖ ذاتي تسڪين | ❖ گهر ۾ جهيڙا پيدا ٿيڻ |
| | ❖ روزگار جو نه ملڻ |

## شاديءَ بابت حق ۽ انهن جي وضاحت ڪرڻ:

**سرگرمي: صورتحال....** اوهان کي هڪ نياڻي آهي. جيڪا هڪ ڏينهن توهان جي سامهون توهان لاءِ ماني کڻي اچي ٿي. ان کي ڏسي ڪري توهان کي اچانڪ اهو احساس ٿئي ٿو ته نياڻي هاڻي شاديءَ جي لائق ٿي وئي آهي.( 2منٽن لاءِ شرڪت ڪندڙ اکيون بند ڪري صورتحال تي سوچين)

**ورڪ شيٽ:**

| عمر | تعليم | سپ ڪان پهريون ڪم ڪهڙو ڪندا | رشتو پنهنجن ۾ ڪندو يا غيرن ۾ | نياڻي کي آگاهه ڪندو يا نه! جي ها ته ڪڏهن؟ |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |

نتيجي جي شاديءَ بابت شرڪت ڪندڙن جي رجحان کي ۽ معاشرتي سوچ کي سمجهڻ لاءِ هن چارٽ جي مدد ضروري آهي. جنهن لاءِ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو.

- شاديءَ وقت نياڻيءَ جي عمر ڪيتري آهي؟
- جوڪريءَ ڪيتري تعليم حاصل ڪئي آهي؟
- سندس شاديءَ جو ارادو ڪرڻ وقت سپ ڪان پهريون ڪم ڪهڙو ڪندا؟
- نياڻيءَ جي شادي پنهنجن ۾ ڪندا يا غيرن ۾؟
- ڇا توهان پنهنجي نياڻيءَ کي سندس شادي کان آگاهه ڪندو يا نه! جيڪڏهن ها ته ڪڏهن؟
- توهان جي شاديءَ وقت توهان جي پنهنجي عمر ڇا هئي؟ ۽ توهان کي ان جي باري ۾ ڪڏهن ٻڌايو ويو هو؟ توهان جي شاديءَ بابت ڪيل فيصلن متعلق توهان جا احساسات ڇا هئا.
- نياڻي جي شاديءَ متعلق ڪيل فيصلن بابت توهان جي ڌيءَ جا احساسات ڪهڙا ٿي سگهن ٿا.؟

سڄي دنيا ۾ امن ۽ انساني ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ سرگرم بين الاقوامي سماجي ادارا ۽ تنظيمون دنيا جي سمورين رياستن تي زور وجهنديون آهن ته سيني ماڻهن جي بنيادي حقن جي تحفظ ۽ تڪميل کي يقيني بڻائي سگهجي. حڪومت پاڪستان به واضع ڪيل سمورن معاهدن تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ جي پابند آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي ته پاڪستان جو آئين ۽ قانون بالڪپڻ جي شادي، زبردستيءَ جي شادي، وٽو سٽو ڪرڻ، قرض يا پئسن تي نياڻي پرڻائي ڏيڻ يا ڏنڊ ۾ نياڻي نڪاح ۾ ڏيڻ کي قانوني ڏوهه قرار ڏنو آهي. ان ڏس ۾ مذهبيءَ اخلاقي تعليم به ان ڳالھ جي نشاندهي ڪري ٿي ته والدين لاءِ لازم آهي ته اهي پنهنجي اولاد لاءِ ٿيندڙ سمورن فيصلن ۾ ڪين وقت تي آگاهه ڪن. انهن جي آزادانه رضامندي معلوم ڪن ۽ انهن جي راءِ ۽ پسند توڙي نا پسند جو احترام ڪن. ياد رهي ته جڏهن به ڪنهن جي زندگيءَ جي اهم فيصلن ۾ شامل ٿيڻ جو حق ان کان کسيو ويندو آهي ته اهڙن ماڻهن ۾ پنهنجي وجود جي اهميت جو احساس گهٽجي ويندو آهي. بلڪ نه هئڻ جي برابر ٿي ويندو آهي. استحصال جو شڪار اهڙن فردن جي زندگيءَ ۾ درپيش ڏکين مرحلن ۾ پنهنجي لاءِ ڪو فيصلو وٺڻ جو نه ته احساس هوندو آهي ۽ نه ئي وري اهليت هوندي آهي. تنهن لاءِ اسان جو فرض آهي ته پنهنجي اولاد متعلق ٿيندڙ فيصلن ۾ انهن کي شامل ڪرڻ جهڙو مثبت رويو اپنايون ته جيئن هو خوش ۽ پر اعتماد زندگي گذاري سگهن.

## ننڍي عمر جي شادي لاءِ قانوني سزا:

### ننڍي عمر جي شادي ۽ عورتن تي ڪنهن به قسم جي تشدد جي روڪٿام وارا پاس ڪيل قانون:

- 1929ع وارو قانون:

Anti-women Practices (Criminal Law Amendment) Bill, 2011 تحت ڪنهن به عوت کي زبردستي شاديءَ لاءِ مجبور ڪرڻ تي 10 سال قيد ۽ 5 سال ڏنڊ يا ٻئي سزائون لڳي سگهن ٿيون.

- 11 جون 2014 وارو قانون:

Sindh Child marriage restraint act 2014 تحت ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي گهٽ ۾ گهٽ عمر 18 سال مقرر ٿيل آهي. ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ کي ٻالڪپڻ جي شادي سڏيو وڃي ٿو. اهڙي شادي ڪرائيندڙن ۾ شامل والدين، سار سنڀال رکندڙ، شاديءَ ۾ شرڪت ڪري ان کي تسليم ڪندڙ ۽ ان کي صحيح قرار ڏيندڙ توڙي نڪاح پڙهندڙ مذهبي اڳواڻن (مولوين، پنڊتن، مهاراجن) خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي ۽ مٿن ساڳي سزا لاڳو ٿي سگهي ٿي.ان ڪري ضروري آهي ته شادي ڪندڙ جوڙي جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 18 سال هجي ۽ نڪاح نامو جيڪو ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي وچ ۾ هڪ معاهدو آهي، پڙهڻ وقت پڻ ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته شاديءَ کان پهرئين نڪاح نامي کي هڪ دفعو مڪمل طور پڙهي ۽ سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿئي ته ڪنهن وڪيل کان رهنمائي پڻ وٺڻ گهرجي. نڪاح نامي ۾ لکيل سمورين شرطن کي پورو ڪرڻ سان ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري جي حقن جي ضمانت آهي. ڇوڪريءَ کان طلاق جو حق اسان وٽ اڪثر ڪري بهتر عمل نٿو سمجهيو وڃي ۽ اهڙو شرط ڇوڪريءَ کان پڇڻ کان بغير ڪاٽيو ويندو آهي جڏهن ته اهڙو حق ان کي پنهنجي مذهب ۽ قانون ڏنو آهي.



- 2016ع لاءِ قانون (هندو ميرج ايڪٽ):

Hindu child marriage Bill, 2016 تحت شادي ڪندڙ جوڙي جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 18 سال هجي ۽ پنهنجو راضپو ظاهر ڪري سگهن. شاديءَ وقت گهٽ ۾ گهٽ به شاهد قبوليت جي رجسٽريشن ۾ هجن. هن بل تحت هر شادي قابلِ قبول هوندي ۽ شاديءَ جي 45 ڏينهن اندر متعلق يونين ڪائونسل ۾ رجسٽريشن ضرور ڪرائڻ گهرجي.

### ياد رکو:

- جيڪي والدين پنهنجي اولاد جي ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائيندا انهن کي ٽن سالن کان ڏهن سالن تائين سزا ۽ پنج لک روپيا ڊنڊ ادا ڪرڻو پوندو ۽ انهيءَ شادي کي پڻ ختم ڪيو ويندو.
- ننڍي عمر جي ٻارڙن جو نڪاح پڙهائيندڙ / شادي ڪرائيندڙ مذهبي اڳواڻ پڻ هڪ کان ٽن سالن تائين سزا جو مستحق هوندو يا ڪين ٻئي سزائون ڏنيون وينديون.
- ننڍي عمر جي ٻارڙن جي شادي ڪرائڻ ۾ ملوث گهوٽ ۽ ڪنوار جي رشتيدارن کي پڻ هڪ مهينو سزا ۽ هڪ هزار روپيا ڏنڊ ادا ڪرڻو پوندو
- ننڍي عمر جي شادي / زبردستي شادي قانوني ڏوهه آهي ٻنهي صورتن ۾ سزا ٿي سگهي ٿي.

## معاشري ۾ شاديءَ متعلق رسم ۽ رواج جو حقن ۽ قانون جي پيٽ ۾ جائزو وٺڻ:

**سوال:** ڇا توهان کي خبر آهي تہ پاڪستان جي قانون يا سنڌ صوبي جي قانون مطابق ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي شادي جي لاءِ ڪهڙي عمر مقرر ڪيل آهي؟

**سوال:** ڇا پاڪستان جي قانون ۽ مذهبي تعليمات مطابق شاديءَ لاءِ ڇوڪريءَ/عورت ۽ ڇوڪري/ مرد ٻنهي جي غير مشروط رضامندي ضروري آهي؟

**سوال:** ڇا قانون ۽ مذهب مطابق مرد ۽ عورت ٻنهي کي پنهنجي مرضيءَ سان زندگيءَ جو ساٿي چونڊڻ جو حق آهي؟

## معاشري ۾ شاديءَ متعلق رسم رواج جو جائزو وٺڻ:

### ڪهاڻي:

اڪبر جي زال اميد سان هئي. اڪبر جو پاءُ ۽ پاڄائي ان سان ملڻ آيا تہ چيائون تہ "جيڪڏهن ڌيءَ ڄمي ٿي تہ ان جو رشتو سندن پٽ شهباز لاءِ ڏيڻ جو واعدو ڪن" جيئن تہ انهن جو گهرواريون بہ پاڻ ۾ سڳيون ڀينرون هيون ان لاءِ اڪبر ۽ ان جي گهرواريءَ ان رشتي کي خوشيءَ سان قبول ڪيو، ڇوتہ ائين ڪرڻ سان خاندان پاڻ ۾ جڙيل رهندو. نيٺ ڄمندڙ ٻارڙيءَ جي مڱڻي ننڍڙي ٻار شهباز سان ڪئي وڃي ٿي. سلميٰ اڃان ستين ڪلاس جو امتحان ڏئي فارغ مس ٿي هئي تہ اڪرم ۽ ان جي گهرواريءَ جي زور ڀرڻ تي ٻارڙن جي پاڻ ۾ شادي ڪرائي وئي. شادي وقت سلمہ جي عمر 14 سال هئي. سلمہ شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ حاملہ ٿي وئي ۽ حمل جي پهرئين مهيني کان هوءَ بيمار رهڻ لڳي. سلمہ حمل وارو وقت تمام گهڻين تڪليفن ۾ گذاريو. معائني ڪرائڻ تي ڊاڪٽر ٻڌايو تہ سلمہ جي جسم جي اڃان ايتري نشونما نہ ٿي هئي جو ان جو جسم حمل ۽ زچڪيءَ جي عمل مان گذرڻ جي لاءِ تيار هجي ها. جڏهن تہ ٻار جي پوزيشن پڻ صحيح نہ آهي تنهن ڪري سندس آپريشن ڪرڻو پوندو. زچڪيءَ تمام مشڪل هئي. تنهن ڪري آپريشن دوران سلمہ مرندي مرندي بچي. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ هاڻي هوءَ ڪڏهن ماءُ بڻجي نہ سگهندي. نومولده ٻار بہ تمام گهڻو ڪمزور هيو ۽ ان جو سِرُ ان جي جسم کان الاهي وڏوهيو. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ ٻار ڪمزور آهي ۽ ان کي پنهنجي هٿن ۽ پيرن تي ڪنٽرول ناهي.

**سوال:** سلمہ جي اها حالت ڇو ٿي؟

## ڪهاڻي تي تبصرو:

ڇا سلمہ پنهنجو خيال نہ رکيو! سلمہ پنهنجو خيال ڇو نہ رکيو! ڇا سلمہ جي عمر گهٽ هئي! سلمہ جي شادي ايتري گهٽ عمر ۾ ڇو ڪئي وئي! سلمہ جي شادي ٻالڪپن ۾ ئي سندس سئوٽ سان ڇو ڪئي وئي! ائين ڇو ٿيو؟

***[هي اهي سوال آهن جن جي مدد سان اسان لاءِ حقيقت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي. ها اهو ان ڪري ٿيو جو اسان جي سماج ۾ ننڍي عمر جي شادي، ٻي جوڙ شادي، خاندان ۾ شادي ڪرڻ ۽ ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪرو شاديءَ لائق نہ هئڻ جهڙيون رسمون ۽ ڪارڻ شامل آهن]***

سلمہ جي ڪهاڻي اسان جي معاشري ۾ ڪيترين ئي رسمن ۽ رواجن جي نشاندهي ڪري ٿي، جيڪي بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزيءَ ڪرڻ سان گڏوگڏ لاڳاپيل فردن جي جان لاءِ هاڃيڪار پڻ آهي. ننڍپڻ جي شادي صرف قانون جي خلاف ورزي ئي ناهي بلڪ اها ڇوڪريءَ جي جسماني، جذباتي ۽ ذهني صحت لاءِ پڻ گهڻو خطرناڪ آهي، جنهن سان پنهنجي زندگيءَ جي فيصلي جو حق، جيون ساٿي جي انتخاب ۽ پنهنجي جسم تي اختيار هئڻ جهڙن سمورن حقن جي خلاف ورزي پڻ ٿئي ٿي. ان کان علاوه ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ٻالڪپڻ

۾ ڪيڏڻ جهڙن حقن کان بہ محروم رکيو وڃي ٿو. خاندان ۾ شاديون جينوٽيڪ سڌي طرح ڪنهن قانون جي خلاف ورزي نہ سمجهيون وينديون آهن پر ايندڙ نسل جي صحت لاءِ تمام گهٽيون نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون، ان سان پيدا ٿيندڙ ٻار خطرناڪ بيمارين ۽ معذورين(جسماني ۽ذهني) سان پيدا ٿي سگهن ٿا. شادي صرف بہ انسانن جي زندگيءَ جو معاملو نہ آهي پر ان سان گڏ جڙندڙ بہ خاندانن ۽ ايندڙ نسل جو بنياد پڻ ان منحصر آهي. تنهن ڪري ان رشتي کي وڏي سوچ ۽ ويچار سان هر هڪ جي حقن جي تڪميل کي يقيني بڻائيندي طئي ڪيو وڃي ۽ فيصلو ورتو وڃي تہ زندگي صحتمند، اطمينان جوڳي ۽ خوشحال ٿي سگهي ٿي.

## شادين جا روايتي قسم:

[هوئنئ تہ پاڪستان ۾ اڪثر شاديون ان مخصوص سوچ پٽاندر ٿينديون آهن تہ جيئن بہ ماڻهو مرد ۽ عورت ملي هڪ نئين خاندان جو بنياد رکن، پر ان کان علاوه اسان وٽ شادين ڪرائڻ جا ٻيا بہ ڪيترائي سبب آهن. ڪجهہ اهڙن قبائلي علائقن ۾ شادين پويان اهڙيون رسمون هونديون آهن. جيڪي مخصوص علائقائي رسم ۽ رواج توڙي طريقيڪار سان لاڳاپيل آهن، جيڪي نہ صرف نوجوانن جي حقن جي لتاڙ آهي پر قانوني ۽ مذهبي قدم جي پڻ لتاڙ آهي]

### سنواره/ ونيّ يا سڱ چٽي:

گهٽي ياڱي خيبرپختونخوان ۾ هي رسم عام آهي ۽ سنڌ جي پڻ ڪجهہ علائقن ۾ موجود آهي. هن رسم مطابق ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب ٿيندڙ خون جي عيوض نياڻيون سنگ چٽي طور ڏئي جهيڙي کي ٿاريو ويندو آهي. هي عمل بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزي کان علاوه پاڪستان پينل ڪوڊ (PPC) جي دفعا 310-A(Section) تحت عوتن کي ”صُلح“ جي طور استعمال ڪرڻ ناقابل ضمانت ڏوهہ آهي. جنهن جي سزا ٽن سالن کان پنجن سالن تائين قيد ۽ 5 لک روپيا ڏنڊ آهي.

### ولور يا پئسن جي عيوض ڏيڻ:

ولور جي رسم بلوچستان، خيبرپختونخواه ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ڪجهہ ذاتين ۾ موجود آهي. هن رسم مطابق ڇوڪريءَ جا والدين ان کي پئسن ۾ وڪرو ڪن ٿا ۽ اهو سمجهن ٿا تہ ان سان ڇوڪريءَ جي ساهرن ۾ عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿئي ٿو.

### وٽوسٽو:

وٽي سٽي (ادلي بدلي) جي شاديءَ جي هي رسم پنجاب ۽ سنڌ ۾ عام آهي. ان رسم ۾ هڪ گهر جي ڀيڻ ياءُ جي شادي ٻئي خاندان جي ڀيڻ ۽ ياءُ سان ڪئي وڃي ٿي. هن قسم جي شادي ٻنهي ڇوڪرين جي تحفظ جي ضمانت سمجهيو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ هن قسم جي شاديءَ ۾ چئني ماڻهن جي زندگي تباهہ ٿيو وڃي.

### قرآن پاڪ سان شادي:

هن قسم جي رسم سنڌ ۾ اڪثر موجود آهي. جنهن جي ذريعي ڪجهہ دولتمند ماڻهو جائيداد جي حصو ڏيڻ کان بچڻ ۽ پنهنجي قبضي ۾ رکڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ جي شادي قرآن پاڪ سان ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن سان سندن زندگيءَ جي سيني خوشين جا دروازا هميشہ لاءِ بند ٿي وڃن ٿا. ان شادي کي حق بخشائڻ پڻ چئجي ٿو.




## خوشگوار ازدواجي زندگي گذارڻ جا پنج قدر

| | | |
|---|---|---|
| 1. | برابري (Equality) | زال ۽ مڙس زندگيءَ جي هر قدم ۽ فيصلي ۾ برابر جا حقدار آهن |
| 2. | وقار (Dignity) | هڪبئي جي عزت نفس ۽ وقار جو خيال رکڻ |
| 3. | احترام (Respect) | پنهنجي ساٿي جو احترام ڪرڻ ۽ ٻين کان ان جي احترام کي يقيني بڻائڻ خوشگوار ازدواجي زندگيءَ جي ضمانت |
| 4. | انتخاب (Choice) | همسفر منتخب ڪرڻ جو حق هجي |
| 5. | الڳ الڳ انداز (Diversity) | زال ۽ مڙس هڪبئي جا ساٿي هوندا آهن پر ٻئي ذاتي طور الڳ شخصيتون پڻ آهن ۽ تنهنڪري انهن کي الڳ راءِ رکڻ، انتخاب ڪرڻ ۽ الڳ انداز رکڻ ٿا. |

# پورو ٿيو